# ايلاف

# سنڌي درسي ڪتاب

پنجين ڪلاس لاءِ

## ٽيچر گائيڊ

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابو عبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

SCIENCE PUBLICATIONS®

KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436

mehran_series@yahoo.com



فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | ٻارن لاءِ صبح جي دعا | 03 |
| 02 | ڪائنات جو وهنوار | 07 |
| 03 | حضرت عثمان غني رضي الله عنه | 09 |
| 04 | فضل مصطفيٰ ﷺ (نعت) | 12 |
| 05 | اسان جو قومي ترانو | 16 |
| 06 | لعل شهباز قلندر رحمة الله عليه | 19 |
| 07 | ڀاڪا ۽ چوٽيون | 22 |
| 08 | گڏيل قومن جو ادارو | 25 |
| 09 | نظارا وطن جا (نظم) | 28 |
| 10 | صنعتي پيداوار | 32 |
| 11 | ساٽيهه جي سڪ | 35 |
| 12 | سر سارنگ (بيت) | 38 |
| 13 | مخدوم نوح رحمة الله عليه | 41 |
| 14 | حقن جو احترام | 44 |
| 15 | صحبت جو اثر (نظم) | 47 |
| 16 | ٻيلا | 51 |
| 17 | انٽرنيٽ | 54 |
| 18 | محنت جو قل (نظم) | 56 |
| 19 | آبادي جا مسئلا | 60 |
| 20 | پنيور | 63 |

سبق پهريون

# ٻارن لاءِ صبح جي دعا

علم سان پر جهول تون منهنجي خدا،
تو گهران تو در اچي هر هر دُعا.

حوالو: هي شعر نظم "ٻارن لاءِ صبح جي دعا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته اي الله تون مون کي علم عطا فرماءِ. آئون هر وقت توکان اها ئي دعا گهران ٿو.

علم تو روشن ڪري سنسار کي،
علم سان عزت ملي ٿي جابجا.

حوالو: هي شعر نظم "ٻارن لاءِ صبح جي دعا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته علم هن دنيا کي روشني مهيا ڪري ٿو ۽ علم جي ڪري ئي هر هنڌ عزت حاصل ٿئي ٿي.

مون کي تنهنجي رهنمائي ٿي کپي،
تون سين جو يا خدا آن رهنما.

حوالو: هي شعر نظم "ٻارن لاءِ صبح جي دعا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته اي رب تون ئي اسان جو رهنما ۽ رهبر آهين. اسان کي تنهنجي رهنمائي گهرجي ٿي. تون ئي اسان کي رستو ڏيکار.



منهنجي سيني کي پري چڏ ڄاڻ سان،
ڪر مدد منهنجي ڏٽي صبح و مسا.

حوالو: هي شعر نظم "ٻارن لاءِ صبح جي دعا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته اي رب پاڪ تون منهنجي سيني کي علم سان پري چڏ ۽ منهنجي صبح شام هر وقت مدد ڪرڻ فرماءِ.

ڪين ڏي ڪائي وڏائي علم ڏي،
چو ته آهي علم کي رهڻي بقا.

حوالو: هي شعر نظم "ٻارن لاءِ صبح جي دعا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته اي الله تون مونکي غرور نه ڏي پر علم عطا فرماءِ چو ته علم ئي باقي رهڻو آهي ٻي هر شيءِ فنا ٿيڻي آهي.

هَٿَ جوڙي ٿو گهران تو کان ڏٽي،
هر علم کان رک "سميع" کي آشنا.

حوالو: هي شعر نظم "ٻارن لاءِ صبح جي دعا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته اي رب مان توکان هر پل اهائي دعا ٿو گهران ته مون کي علم ۽ ڄاڻ عطا فرماءِ.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جابجا | هرجاءِ | رهنمائي | اڳواڻي |
| آشنا | واقف | روشن | پرنور |
| سنسار | دنيا، جهان | مسا | شام |
| وڏائي | غرور | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: شاعر هن نظم ۾ ڇا جي دعا گهري رهيو آهي؟
جواب: شاعر هن نظم ۾ علم حاصل ڪرڻ جي دعا گهري رهيو آهي.
سوال2: سنسار ڪيئن ٿو روشن ٿئي؟
جواب: سنسار علم سان ٿو روشن ٿئي.
سوال3: جا بجا عزت ڪيئن ملندي؟
جواب: جا بجا عزت علم سان ملندي.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد ٻڌايو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| عالم | جاهل | روشن | اونده |
| وڏائي | نندائي | آشنا | نا آشنا |
| بقا | فنا | | |

**(د) هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي: جيئن خدائي پلائي.**
**توهان هن نظم مان پنج هم آواز لفظ لکو.**

دعا — خدا، رهنما - جا بجا، بقا - مسا،
ڏٽي — گهٽي، ڪائي - وڏائي



**(ھ) هيٺين بيت جي تشريح لکو.**

ڪين ڏي ڪائي وڏائي علم ڏي،
جو ته آهي علم کي رهڻي بقا.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي چوي ٿو ته اي الله تون مونکي غرور نه ڏي پر علم عطا فرماءِ جو ته علم ئي باقي رهڻو آهي ٻي هر شيءِ فنا ٿيڻي آهي.

**(و) هن نظم جو مرڪزي خيال بيان ڪريو.**

هن نظم ۾ شاعر علم جي اهميت کي سمجهندي الله پاڪ کان علم حاصل ڪرڻ جي دعا گهري رهيو آهي.

**(ز) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) علم ٿو **روشن** ڪري سنسار کي.
(2) علم سان عزت ملي ٿي **جابجا**.
(3) هٿ جوڙي ٿو گهران توکان **ڏٽي**.
(4) هر **علم** کان رک سميع کي آشنا.

سبق ٻيو

# ڪائنات جو وهنوار

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| محور | مرڪز | وهنوار | طور طريقو |
| سرانجام | پورو ڪرڻ | ضابطو | ڪنٽرول |
| رخنو | رڪاوٽ | متوازن | برابر |
| حرارت | گرمي | تصور | خيال |
| محال | ڏکيو | مدار | بار، وزن |
| دٻاءُ | زور | حيوانات | جانور |
| نباتات | وڻ، ٻوٽا | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: زمين تي زندگي ڇا جي ڪري ممڪن آهي؟

جواب: زمين تي زندگي سج جي ڪري ممڪن آهي.

سوال2: زمين کان سج جو مفاصلو گهٽ ۽ وڌ ٿيڻ سان ڇا ٿيندو؟

جواب: زمين کان سج جو مفاصلو گهٽ ۽ وڌ ٿيڻ سان وڏي تباهي اچي ويندي. هي دنيا يا ته سڙي خاڪ ٿي ويندي يا وري برفاني گولو بڻجي پوندي.

سوال3: مدار ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: سج جي چوڌاري گردش ڪرڻ کي مدار چئبو آهي.

سوال4: اسين ساهه کڻڻ لاءِ ڪهڙي گئس استعمال ڪندا آهيون؟

جواب: اسين ساهه کڻڻ لاءِ آڪسيجن گئس استعمال ڪندا آهيون.

سوال5: هن ڪائنات جو نظام ڇا جي ڪري منظم طريقي سان هلي رهيو آهي؟

جواب: هن ڪائنات جو نظام انهيءَ ڪري منظم طريقي سان هلي رهيو آهي ڇاڪاڻ ته هر هڪ پنهنجي پنهنجي مدار ۾ رهي



پنهنجو پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ هڪٻئي جي ڪمن ۾ مداخلت نه ٿو ڪري.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) زمين کي روشني ۽ حرارت مهيا ڪري ٿو:

(i) چنڊ ✓ (ii) سج (iii) گرهه

(2) جيڪڏهن زمين کان سج جو مفاصلو گهٽيو ته هي ڌرتي ______ بڻجي ويندي.

✓ (i) باهه جو شعلو (ii) برف جو گولو (iii) سرسبز

(3) جيڪڏهن زمين کان سج جو مفاصلو وڌيو ته هي ڌرتي بڻجي ويندي:

(i) باهه جو شعلو ✓ (ii) برفاني گولو (iii) سرسبز

(4) زمين ۽ ٻيا گرهه سج جي چوڌاري پنهنجي ______ ۾ سفر ڪري رهيا آهن.

✓ (i) مدار (ii) گولائي (iii) ور وڪڙن

(5) جيڪڏهن هوا ۾ آڪسيجن جو دٻاءُ گهٽ وڌ ٿئي ته اسين نه کڻي سگهنداسين:

(i) وزن ✓ (ii) ساهه (iii) بار

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مسلسل | وقفي وقفي سان | متوازن | غير متوازن |
| روشن | اوندهه | جاندار | بي جان، غير جاندار |
| نباتات | حيوانات | | |

**(هه) لفظ ايماندار ۾ "دار" پڇاڙي آهي.**

جيئن: ايمان + دار = ايماندار

اوهان اهڙا "دار" پڇاڙيءَ وارا ڪي ٻيا پنج لفظ ٻڌايو.

مٽيادار هوادار ڄڻادار

امانتدار جاندار

سبق ٽيون

# حضرت عثمان غني رضي الله عنه

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شاهوڪار | امير | حق پرست | سچائيءَ سان |
| پوشاڪ | لباس | سياءُ | ورتاءُ |
| ڏڪار | بدحالي | وسيع | ويڪرو، ڪشادو |
| سازش | چال | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: مسلمانن جي ٽئين خليفي جو نالو ڇا هو؟

جواب: مسلمانن جي ٽئين خليفي جو نالو حضرت عثمان غني رضي الله عنه هو.

سوال2: حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي ولادت ڪڏهن ٿي؟

جواب: حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي ولادت هجرت نبوي کان 47 سال اڳ ٿي.

سوال3: حضرت عثمان غني رضي الله عنه کي ”ذوالنورين“ چو چيو وڃي ٿو؟

جواب: حضرت عثمان غني رضي الله عنه کي ”ذوالنورين“ انڪري چيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته پاڪ ڪريم ﷺ جن جون ٻه نياڻيون سندن نڪاح ۾ آيون.

سوال4: حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ ڪهڙا علائقا فتح ٿيا؟

جواب: حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ ڪابل، مڪران، اتر آفريڪا جا علائقا ۽ عموريا وغيره فتح ٿيا.



سوال5: حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي شهادت ڪيئن ٿي؟

جواب: حضرت عثمان غني رضي الله عنه جن کي 18 ذوالحج سن 35 هجري تي سازشين سندن گهر جي گهيرو ڪري شهيد ڪري ڇڏيو.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي والد جو نالو آهي:

(i) هشام (ii) عفان ✓ (iii) ابو قحافہ

(2) حضرت عثمان غني رضي الله عنه مسلمانن جو خليفو هو:

(i) پهريون (ii) ٻيو (iii) ٽيون ✓

(3) نبي ڪريم ﷺ جن جون ڪيتريون نياڻيون حضرت عثمان غني رضي الله عنه سان ٿيو؟

(i) هڪ (ii) ٻه ✓ (iii) هڪ ٻه نه

(4) حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي دور ۾ اسلامي سلطنت ٿي:

(i) قليل (ii) وسيع ✓ (iii) وچٿري

(5) شهادت وقت حضرت عثمان غني رضي الله عنه پڙهي رهيا هئا:

(i) نماز (ii) قرآن پاڪ ✓ (iii) خط

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| دير | سوير | عام | خاص |
| ظالم | رحمدل | غريب | امير |
| سخي | شوم | | |

**(هہ) صحتمند لفظ جي پڇاڙي "مَند" آهي.**
**اوهين اهڙا ڪي ٻہ ٽي ٻيا لفظ ٺاهي لکو جنهن جي پڇاڙي "مند" هجي.**

دولتمند غيرتمند عقلمند

**(و) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) حضرت عثمان غني رضي الله عنه مسلمان جا ٽيان خليفا هئا. (✓)

(2) حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي ولادت هجرت نبوي کان 47 سال اڳ ٿي. (✓)

(3) حضرت عثمان غني رضي الله عنه کي ذوالنورين پڻ سڏيو وڃي ٿو. (✓)

(4) حضرت عثمان غني رضي الله عنه حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي دعوت سان اسلام قبول ڪيو. (✓)

(5) حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي خلافت جو دور تقريباً 12 سال آهي. (✓)



سبق چوٿون

# فضلِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ

محورِ فضل مصطفيٰ تون آن،
رهبر منزلِ هديٰ تون آن.

حوالو: هي شعر فضل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر اياز قادري آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ الله جي رحمت جو مرڪز اوهان آهيو ۽ سڌي رستي ۽ منزل جو ڏس ڏيندڙ بہ توهان ئي آهيو.

توسان انسانيت کي شان مليو،
ساري عالم جو پيشوا تون آن.

حوالو: هي شعر فضل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر اياز قادري آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ اي سائين اوهانجي سبب ئي انسانن کي شرف مليو آهي ۽ سموري ڪائنات جا اڳواڻ بہ اوهين آهيو.

جنهن سان بيدار ٿيو جهان سارو،
سو پڙاڏو، ندا، صدا تون آن.

حوالو: هي شعر فضل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر اياز قادري آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ اوهان جي سڏ ۽ پيغام سان هيءَ دنيا ڪفر جي ننڊ مان بيدار ٿي. توهان ئي حق سچ جا علمبردار آهيو.

تـون غـريبن جو پـر جهلـو آهـين،
مظهـــرِ رحمـــتِ خـــدا تـــون آن.

حوالو: هي شعر فضل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر اياز قادري آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ توهان غريبن جا ساٿي ۽ مددگار آهيو. توهان الله جي رحمت جا مظهر آهيو.

درد مـون کـي کـو لادوا آهـي،
لادوا درد جـــــي دوا تـــــون آن.

حوالو: هي شعر فضل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر اياز قادري آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ مون کي اهڙي تڪليف آهي جنهن جي ڪا دوا ڪونہ آهي پر توهان هر لا علاج مرض جي دوا آهيو.

توسان الفت جو چا بيان ڪيان،
ابتـــدا تـــون ۽ انتهـــا تـــون آن.

حوالو: هي شعر فضل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر اياز قادري آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ اي سائين توهان سان محبت جو ڪهڙو ذڪر ڪيان. اوهان ئي شروعات ۽ اوهان ئي اختتام آهيو.



**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| محور | مرڪز | فضل | رحم، ڪرم |
| رهبر | اڳواڻ | پيشوا | اڳواڻ |
| بيدار | هوشيار | پڙاڏو | آواز جي موٽ |
| انتها | آخر | ندا | سڏ |
| صدا | سڏ | پرجهلو | ساٿي |
| مظهر | ظاهر ٿيڻ | درد | سور |
| ابتدا | شروعات | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: **هيءَ نعت ڪنهن جي لکيل آهي؟**
جواب: هيءَ نعت اياز قادري جي لکيل آهي.
سوال2: **ساري عالم جو پيشوا ڪير آهي؟**
جواب: ساري عالم جو پيشوا نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آهي.
سوال3: **غريبن جو پرجهلو ڪير آهي؟**
جواب: غريبن جو پرجهلو نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آهي.

**(ج) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| منزل | منزلون | پڙاڏو | پڙاڏا |
| ندا | ندائون | صدائون | صدا |
| رحمت | رحمتون | دوائون | دوا |

**(د) ندا - صدا هم آواز لفظ آهن. هن نعت مان ٻيا هم آواز لفظ ڳولهي لکو.**

ابتدا - انتها، هديٰ - مصطفيٰ، محور - رهبر

**(ھ) ھيٺين بيت جي سمجھاڻي لکو.**

توسان انسانيت کي شان مليو،
ساري عالم جو پيشوا تون آن.

تشريح: ھن شعر ۾ شاعر نبي اڪرم ﷺ جن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ اي سائين اوھانجي سبب ئي انسانن کي شرف مليو آھي ۽ سموري ڪائنات جا اڳواڻ بہ اوھين آھيو.

**(و) ھيٺيان خال پريو.**

(1) توسان **انسانيت** کي شان مليو.
(2) ساري عالم جو **پيشوا** تون آن.
(3) درد مون کي ڪو **لادوا** آھي.
(4) لادوا درد جي **دوا** تون آن.

**(ز) حضور ﷺ جي شان ۾ لکيل نظم کي نعت چئبو آھي.**



سبق پنجون

# اسان جو قومي ترانو

## مشق

**(الف) ھيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حرمت | عزت | وقار | شان |
| علامت | نشاني | بيدار | سجاڳي |
| ممتاز | الڳ | عزم | ارادو |
| اخوت | ڀائيچارو | دائم | ھميشہ |
| اوج | ترقي | رھبر | اڳواڻ |

**(ب) ھيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان جو قومي ترانو ڪنھن ۽ ڪڏھن لکيو؟
جواب: اسان جي قومي ترانو حفيظ جالنڌري 1952ع ۾ لکيو.
سوال2: قومي تراني جي ڌن ڪھڙي موسيقار ترتيب ڏني ھئي؟
جواب: قومي تراني جي ڌن احمد چاڳلا موسيقار ترتيب ڏني ھئي.
سوال3: قومي تراني ۾ ڪيترا بند آھن؟
جواب: قومي تراني ۾ ٽي بند آھن.
سوال4: اسان کي قومي ترانو ٻڌڻ مھل ڇا ڪرڻ گھرجي؟
جواب: اسان کي قومي ترانو ٻڌڻ مھل ان جي احترام ۾ خاموشي سان اٿي بيھڻ گھرجي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) اسان جو قومي ترانو لکيو:
(i) علامہ اقبال (ii) حفيظ جالنڌري ✓
(iii) احمد چاڳلا

(2) قومي تراني جي ڌن ترتيب ڏني:

(i) حفيظ جالنڌري ✓ (ii) احمد چاڳلا

(iii) نصرت فتح علي خان

(3) قومي تراني ۾ اڪثر ______ لفظن جي چونڊ ڪئي وئي آهي.

(i) اردو (ii) عربي ✓ (iii) فارسي

(4) اسان جي قومي تراني ۾ ڪل بند آهن:

(i) هڪ (ii) ٻہ ✓ (iii) ٽي

(5) قومي ترانو قوم کي ______ ڪرڻ جو ڪم ڪندو آهي.

(i) آرام ✓ (ii) بيدار (iii) سست

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اوج | زوال | اخوت | ڇڙوڇڙ |
| بيدار | ستل | حُب | دشمني |
| خاص | عام | | |

**(ھ) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) جهنڊو ۽ قومي ترانو ملڪ جي عزت، وقار، حرمت ۽ آزادي جون نشانيون آهن. (✓)

(2) قومي ترانو قوم کي سجاڳ ڪرڻ جو ڪم ادا ڪري ٿو. (✓)

(3) قومي ترانو وطن جي حب جو جذبو جاڳائيندو آهي. (✓)

(4) اسان جو قومي ترانو علامہ اقبال لکيو. (✗)

(5) اسان جي قومي تراني ۾ 16 مصراعون آهن. (✗)



**(و) هيٺ ڏنل عبارت رواني، سان پڙهو ۽ سمجهو تہ هن ۾ ڪهڙو مقصد يا پيغام ڏنل آهي.**

اسين سڀ پاڪستاني آهيون. اسان جو وطن سر سبز ۽ شاد آباد آهي. اسانکي پنهنجي وطن جي سر بلنديءَ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻ گهرجي. اسين محنت ڪري وڏن عهدن تي پهچي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي سٺي نموني خدمت ڪري سگهون ٿا. اسين انجنيئر، ڊاڪٽر، استاد، هاري، پورهيت ۽ هنرمند وغيره سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون. اسين سڀ پنهنجي ملڪ لاءِ مختلف ميدانن ۾ محنت ڪري خدمت ڪريون ٿا. شال! اسان جو ملڪ سکيو ۽ ستابو رهي.

جواب: هن عبارت ۾ اهو پيغام ڏنل آهي تہ اسين محنت ڪري پنهنجي ملڪ جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪريون ۽ ان جي رهواسين جي خدمت ڪريون.

سبق ڇهون

# لعل شهباز قلندر رحمة الله عليه

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سونهاري | سونهن واري | درس | سبق |
| اتحاد | ٻڌي | پيروڪار | مڃيندڙ |
| عقيدت | محبت | نامور | مشهور |
| شناس | سڃاڻ | شمار | ڳاڻيو |
| پيغام | نياپو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: قلندر شهباز جو اصل نالو ڇا آهي ۽ هو ڪٿي ڄائو هو؟

جواب: قلندر شهباز جو اصل نالو سيد عثمان ولد سيد ابراهيم ڪبير آهي. هي بزرگ 538 هجري ۾ آذربائيجان جي هڪ ڳوٺ مروند ۾ ڄائو.

سوال2: صوفي بزرگن ڪهڙو درس ڏنو آهي؟

جواب: صوفي بزرگن پيار، محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي.

سوال3: قلندر شهباز جي درگاهه ڪٿي آهي؟

جواب: قلندر شهباز جي درگاهه سيوهڻ شريف ۾ آهي.

سوال4: قلندر شهباز جو ميلو ڪڏهن لڳندو آهي؟

جواب: قلندر شهباز جو ميلو هر سال ارڙهين شعبان تي لڳندو آهي.

سوال5: قلندر شهباز جي درگاهه تي فقير ڌمال ڪڏهن هڻندا آهن؟

جواب: قلندر شهباز جي درگاهه تي فقير سانجهي نماز بعد ڌمال هڻندا آهن.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) قلندر شهباز جو اصل نالو آهي:

✓ (i) سيد عثمان (ii) عبداللطيف (iii) عبدالوهاب

(2) قلندر شهباز ڄائو هو:

(i) سيوهڻ ۾ ✓ (ii) مروند ۾ (iii) درازا ۾

(3) قلندر شهباز جي درگاهه آهي:

✓ (i) سيوهڻ ۾ (ii) درازا ۾ (iii) هالا ۾

(4) قلندر شهباز جي درگاهه تي ڌمال لڳندي آهي:

(i) صبح جي نماز بعد ✓ (ii) سانجهيءَ جي نماز بعد (iii) سومهڻيءَ جي نماز بعد

(5) درگاهه تي رهندڙ فقيرن جي مڪان کي ڇئبو آهي:

✓ (i) ڪافي (ii) وائي (iii) مڪان

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| ڪانفرنس | ڪانفرنسون | نمائش | نمائشون |
| مشاعرو | مشاعرا | درگاهه | درگاهون |
| نغارو | نغارا | | |

**(هـ) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| محنت | ڪاهلي | امن | جنگ |
| اتحاد | الحاد | مريد | مرشد |
| ٻانهو | مالڪ | | |

**(و) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪري.**

اتحاد: اسان کي پاڻ ۾ ايڪي ۽ اتحاد سان رهڻ گهرجي.

عقيدت: اسان کي صوفي بزرگن لاءِ عقيدت آهي.

ڌمال: سيوهڻ ۾ سانجهيءَ نماز بعد ڌمال لڳندي آهي.

ملاکڙو: عيد جي ڏينهن تي شام جو ملاکڙو لڳو.

پيغام: صوفين هميشہ پيار ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي.



سبق ستون

# پهاڪا ۽ چوڻيون

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مفهوم | مطلب | سمايل | لڪيل |
| تهذيب | ثقافت | اکُٽ | نہ کٽندڙ |
| ڀرم | عزت | آبرو | عزت |
| ارهو | ڏکايل | سرهو | خوش |
| رضا | مرضي | ويج | حڪيم، ڊاڪٽر |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: پهاڪا يا چوڻيون ڇا آهن؟

جواب: پهاڪا يا چوڻيون معنيٰ خيز جملا هوندا آهن جن ۾ هڪ وڏو مفهوم ۽ ڳجهي معنيٰ سمايل هوندي آهي.

سوال2: عملن جو دارومدار ڇا تي آهي؟

جواب: عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.

سوال3: واپار ۾ ايمانداريءَ سان ڇا ٿيندو آهي؟

جواب: واپار ۾ ايمانداريءَ سان ٿورو نفعو هوندي بہ گهڻي برڪت ٿيندي آهي.

سوال4: اوهان کي ڏنل پهاڪن مان ڪهڙو پهاڪو وڌيڪ پسند آيو؟

جواب: اسان کي ڏنل پهاڪن مان جهڙا روح تهڙا ختما وڌيڪ پسند آيو.

سوال5: اوهان کي ڪي ٻيا پهاڪا ياد آهن تہ ٻڌايو.

جواب: انڌن ۾ ڪاڻو راجا، لنيون جهلي پولي ڪٽيو ڪائي فقير، گدڙ ڊاک نہ پڄي آکي ٿُوڪنا وغيره.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) پهاڪا ۽ چوڻيون جملا هوندا آهن:

(i) بي معنيٰ ✓ (ii) معنيٰ خيز (iii) لاجواب

(2) پنهنجي عزت ۽ آبرو قائم رکڻ لاءِ ______ برداشت ڪجي.

(i) لالچ ✓ (ii) بک (iii) چوري

(3) ______ ڪندڙ ماڻهو ٿوري ڪمائي هوندي به خوش گذاريندو آهي.

(i) خرچ ✓ (ii) بچت (iii) لالچ

(4) ٻن ڄڻن جي طاقت گڏجي ٻٽجي پوندي آهي:

(i) ذهن جي طاقت (ii) يارهن جي طاقت

✓ (iii) ٻارهن جي طاقت

(5) وهنوار هميشہ صحيح ڏجي ونجي پوءِ ڀلي ڪٽي هجي:

✓ (i) پاءُ (ii) سوٽ (iii) ماسات

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سرهو | ارهو | سياڻو | اياڻو |
| ساهوارو | بي جان | وفادار | غدار |
| خوشحال | بدحال | طاقت | ڪمزوري |

**(هہ) ڪالم ملائي (پهاڪا) مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| ٻہ ٻائر | گهٽي برڪت. |
| جهڙا ڪانوَ | نہ ڪو ويج نہ طبيب. |
| جهڙي نيت | ٽيون ليکو. |
| ٿوري ڪٺئي | تهڙي مراد. |
| پنهنجي ڪئي جو | تهڙا ٻچا. |



**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) ڀلي **بک** ٻرم جي شال مَ وڃي **شان**.

(2) **ٽڏو** گهڙو پاڻ ڪي **ڇانو** ۾ رکائي.

(3) ٻہ **گدرا** هڪ مُٺ ۾ نہ **ماپن**.

(4) ٿورو ڏسي **ارهو** نہ ٿجي **گهڻو** ڏسي سرهو نہ ٿجي.

(5) جهڙا **ڪانو** تهڙا **ٻچا**.

سبق اٺون

# گڏيل قومن جو ادارو

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مهاپاري | وڏي | لاڳاپا | واسطا |
| ناڻو | پئسا، رقم | مداخلت | رخنو وجهڻ |
| رٿائون | منصوبا | سهڪار | مدد ڪرڻ |
| سرشتي ناڻو | نظام | اسرندڙ | ترقي ڪندڙ |
| امداد | مدد | جوڳي | مناسب |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: گڏيل قومن جو ادارو ڇو قائم ڪيو ويو؟

جواب: گڏيل قومن جو ادارو دنيا ۾ امن ۽ سلامتي پيدا ڪرڻ، قومن جي وچ ۾ دوستاڻا ناتا قائم ڪرڻ ۽ ملڪن وچ ۾ هڪبئي سان سهڪار ڪرڻ جي مقصدن لاءِ قائم ڪيو ويو.

سوال2: گڏيل قومن جو ادارو ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: گڏيل قومن جو ادارو 24 آڪٽوبر 1945ع ۾ قائم ٿيو.

سوال3: عالمي بئنڪ جو قيام ڪڏهن ٿيو؟

جواب: عالمي بئنڪ جو قيام 1945ع ۾ ٿيو.

سوال4: اقوام متحده جا مخصوص ڇهه ادارا ڪهڙا آهن؟

جواب: 1. جنرل اسيمبلي 2. سلامتي ڪائونسل
3. اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل 4. نگران ڪائونسل
5. انصاف جي عالمي عدالت 6. سيڪريٽريٽ

سوال5: بين الاقوامي مالياتي فنڊ ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟

جواب: هي ادارو پرڏيهي بين الاقوامي ناڻي جي سرشتي کي صحيح ۽ مضبوط بڻائي ٿو. سندس ذميواري مٽاسٽا جا اگهه صحيح ڪرڻ به آهي.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) گڏيل قومن جو ادارو قائم ٿيو:

(i) 24 آڪٽوبر 1954ع ۾ ✓ (ii) 24 آڪٽوبر 1945ع ۾
(iii) 21 آڪٽوبر 1945ع ۾

(2) گڏيل قومن جا بنيادي ادارا آهن:

(i) 5 ✓ (ii) 6 (iii) 7

(3) گڏيل قومن جا مخصوص ادارا انسان ذات جي ____ لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

✓ (i) ڀلائي (ii) بدنامي (iii) جنگين

(4) هر هڪ ______ پسند ملڪ گڏيل قومن جي اداري جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

✓ (i) امن (ii) جنگ (iii) دل

(5) گڏيل قومن جو ادارو ڪنهن به ملڪ جي ______ معاملن ۾ مداخلت نه ڪندو آهي.

(i) مالي ✓ (ii) گهرو (iii) فني

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مارڻ | جيارڻ | غلام | آزاد |
| خاص | عام | اميري | غريبي |
| گڏيل | الڳ، جدا | ترقي | تنزلي |

**(هـ) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو.**

اسرندڙ: پاڪستان هڪ اسرندڙ ملڪ آهي.

سهڪار: اسان کي هڪ ٻئي سان سهڪار ڪرڻ گهرجي.

پيداوار: جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ سان ملڪي پيداوار ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو.

عذاب: جنگيون به هڪ عذاب آهن.

**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) گڏيل قومن جي اداري جي ضرورت **ٻي مهاڀاري** لڙائيءَ کان پوءِ پيش آئي.

(2) اقوام متحده جي سيني **ميمبر ملڪن** تي لازم آهي ته اُهي هڪٻئي جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو احترام ڪن.

(3) گڏيل قومن جا بنيادي 6 ادارا آهن.

(4) هن جو بنيادي مقصد **استادن** جا مرڪز دنيا جي اهم ملڪن ۾ قائم ڪرڻ آهي.

(5) عالمي بئنڪ جو قيام 1945ع ۾ عمل ۾ آيو.



سبق نائون

# نظارا وطن جا

هي ڌرتي به پياري ۽ ماڻهو به پيارا،
وڻن ٿا اسان کي وطن جا نظارا.

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته هي ڌرتي پياري آهي ۽ هتان جا ماڻهو به ڏاڍا پيارا آهن. اسان کي پنهنجي وطن جا نظارا وڻن ٿا.

وٺا مينهن ٿر تي ٿي ساوڪ وئي آ،
ٻڌو ڪوڪ ڪوئل وڻن مان ڪئي آ،

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته جڏهن ٿر تي مينهن پيا ته هر طرف ساوڪ ٿي وئي ۽ ڪوئل به خوشيءَ مان ڪُوڪُون ڪري ٿي پئي.

وڻن واهه دل کي سنڌوءَ جا ڪنارا،
وڻن ٿا اسان کي وطن جا نظارا.

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان کي سنڌو درياءُ جا ڪنارا ڏاڍا وڻن ٿا. اسان کي وطن جا نظارا ڏاڍا وڻن ٿا.

محبت اخوت سان هتڙي رهون ٿا،
اسين قرب وارا نه نفرت ڪيون ٿا،

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسين هتي پاڻ ۾ محبت سان رهون ٿا ۽ سڀ هڪٻئي سان پيار ڪندڙ آهيون ڪنهن سان به نفرت ڪونه ڪندا آهيون.

تيون تا اسان هڪ ٻئي جا سهارا،
وڻن تا اسان کي وطن جا نظارا.

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان هڪٻئي جا سهارا آهيون. اسان کي پنهنجي وطن جا نظارا پسند آهن.

اسين باغبان آهيون پنهنجي چمن جا،
ڏسو رنگ سهڻا هي سوسن سمن جا،

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسين پنهنجي ملڪ جا محافظ آهيون. هي سڀ رنگ برنگي گل ٻوٽا اسان جي سونهن آهن.

وطن چنڊ آهي اسين سڀ ستارا،
وڻن تا اسان کي وطن جا نظارا.

حوالو: هي شعر نظم "نظارا وطن جا" مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان جو وطن چنڊ مثل آهي ۽ اسين سڀ انهيءَ جا ستارا آهيون. اسان کي پنهنجو وطن ڏاڍو وڻي ٿو.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نظارا | منظر | اخوت | ڀائيچارو |
| باغبان | مالهي | سهارا | ساٿي / مددگار |
| قرب | پيار | | |



**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ٿر تي ڇا سان ساوڪ ٿيندي آهي؟

جواب: ٿر تي مينهن پوڻ سان ساوڪ ٿيندي آهي.

سوال2: دل کي ڇا جا نظارا وڻن ٿا؟

جواب: دل کي وطن جا نظارا وڻن ٿا.

سوال3: "اسين باغبان آهيون پنهنجي چمن جا" مان شاعر جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: "اسين باغبان آهيون پنهنجن چمن جا" مان شاعر جو مطلب اهو آهي ته اسين پنهنجي وطن جا محافظ آهيون.

**(ج) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| پيارو | پيارا | سهارو | سهارا |
| ڪنارو | ڪنارا | اجارو | اجارا |
| نظارو | نظارا | | |

**(د) پيارا — نظارا هم آواز لفظ آهن. اوهين هن نظم مان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ ڳولهي لکو.**

ڪنارا - سهارا - ستارا، محبت - نفرت

**(هه) "وطن سان محبت" بابت هڪ مضمون لکو.**

هر انسان کي پنهنجي ديس يا ملڪ سان پيار هوندو آهي. وطن سان محبت هڪ فطرتي جذبو آهي. وطن سان محبت ايمان جو جزو آهي. وطن سان محبت جي اها تقاضا آهي ته اسين محنت ۽ جذبي سان علم پرائي پنهنجي ملڪ ۽ ديس جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪريون. دنيا ۾ سندس نالو اوچو ڪرڻ لاءِ نيون نيون ايجادون ڪريون. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کي گهٽ کان گهٽو استعمال ڪري نوان نوان وسيلا ۽ پيداوار حاصل ڪريون.

**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) هي ڌرتي بہ <u>پياري</u> ۽ ماڻهو بہ پيارا.

(2) وڻن تا اسان کي <u>وطن</u> جا نظارا.

(3) وٺا مينهن ٿر تي ٿي <u>ساوڪ</u> وئي آ.

(4) ٻڌو ڪوڪ ڪوئل <u>وڻن</u> مان ڪئي آ.



سبق ڏهون

# صنعتي پيداوار

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سڌاري | ڀلائي | فولاد | لوهہ |
| رُڪ | لوهہ | پرڏيهي | ٻاهرين مڪل |
| ناڻو | رقم، پئسا | ڪتب | استعمال |
| سيڙپ ڪار | واپاري | دفاع | بچاء |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڪهڙن ماڻهن کي هنرمند چئبو آهي؟

جواب: جيڪي ماڻهو پنهنجن هٿ ۽ عقل سان مختلف ڪم سرانجام ڏين تن کي هنرمند چئبو آهي.

سوال2: ڪارخانن هلائڻ لاءِ ڇا گهربل هوندو آهي؟

جواب: ڪارخانن هلائڻ لاءِ ڪچو مال ۽ معدني پيداوار گهربل هوندي آهي.

سوال3: معدنيات ڇا آهي؟

جواب: اهي شيون جيڪي زمين جي هيٺيان ڳولي ڪڍيون وڃن تن کي معدنيات چئبو آهي. لوهہ، سون، چاندي، ٽامو، گئس، ڪوئلو، معدني پيداوار آهن.

سوال4: فولاد يا رُڪ جي ڪارخانن ۾ ڇا تيار ڪيو ويندو آهي؟

جواب: فولاد يا رُڪ جي ڪارخانن ۾ مشينون ۽ اوزار تيار ڪيا ويندا آهن.

سوال5: سنڌ ۾ ڪهڙيءَ جاءِ تي فولاد جو ڪارخانو آهي؟

جواب: سنڌ ۾ ڪراچيءَ ۾ پپريءَ ويجهو پاڪستان اسٽيل مل فولاد جو ڪارخانو آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) ڪارخانن ۾ تيار ٿيندڙ شين کي سڏجي ٿو:

✓ (i) صنعتي پيداوار (ii) حرفتي پيداوار

(iii) معدني پيداوار

(2) لوھ، سون، چاندي، ٽامو، تيل، گئس، ڪوئلو وغيره ______ پيداوار آهن.

(i) صنعتي ✓ (ii) معدني (iii) حرفتي

(3) صنعتي پيداوار جو مکيه بنياد آهي:

(i) سون (ii) چاندي ✓ (iii) لوھ

(4) رُڪ جو ڪارخانو پاڪستان اسٽيل مل ______ ملڪ جي مدد سان قائم ڪيو ويو.

(i) چين ✓ (ii) روس (iii) آمريڪا

(5) ضرورت کان وڌيڪ تيار ڪيل شيون ٻين ملڪن کي وڪڻي ڪمائجي ٿو.

(i) ڏيهي ناڻو ✓ (ii) پرڏيهي ناڻو (iii) ڪارو ناڻو

**(د) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو.**

صنعتي: ڪارخانن ۾ تيار ٿيل شيون صنعتي سڏبيون آهن.

معدني: لوھ سون چاندي ڪوئلو گئس معدني پيدوار آهن.

دفاع: اسان پنهنجي ملڪ جو دفاع ڪرڻ چاهيون ٿا.

ڪچو مال: ملڪ اندر جيترو ڪچو مال پيدا ٿيندو اوترو ملڪ ترقي ڪندو.

پرڏيهي: اسان کي پنهنجيون شيون ٻاهرين ملڪ موڪلي پرڏيهي ناڻو ڪمائڻ گهرجي.



**(ھ) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) هنر ۽ ڪاريگريءَ تي ملڪ جي سڌاري ۽ ترقي جو بنياد آهي.

(2) پاڪستان ۾ ڪراچي اسٽيل مل روس ملڪ جي مدد سان تيار ٿي.

(3) ڪراچي اسٽيل مل ۾ 15 هزار ماهر ۽ 90 هزار مزدور ڪم ڪن ٿا.

(4) پاڪستان ۾ آزاديءَ کان پوءِ ڪارخانن جي ڪوٽ هئي.

**(و) اسٽيل مل تي مختصر نوٽ لکو.**

ڪراچيءَ ويجهو پپري وٽ روس ملڪ جي مدد سان رڪ جو ڪارخانو قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جونالو پاڪستان اسٽيل مل آهي. هن ڪارخاني ۾ 15 هزار ماهر ۽ 90 هزار مزور ڪم ڪن ٿا. ڪارخاني ۾ ڪوڪ، پگ آئرن لوهي چادرون ۽ تار ڪول وغيره تيار ڪيا وجن ٿا. هن ڪارخاني نهڻ سان ملڪي ضرورتون به پوريون ڪيون وجن ٿيون ۽ ماڻهن کي روزگار پڻ مليو آهي.

سبق يارهون

# ساڻيهہ جي سڪ

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ساڻيهہ | ديس | پرڳڻي | علائقي |
| حسن | سونهن | هاڪ | مشهوري |
| وَجُهہ | موقعو | سٽ سِٽي | ارادو ڪيو |
| آتو | انتظار ۾ | اوپرا | اڻ واقف |
| پتِ | چال،چلت،اعتبار | آسَ | اميد |
| سنياري | سنيالي | آچون | لالچون |
| گولِي | غلام | ليلائي | ايلاز ڪندي |
| ساريندي | ياد ڪندي | مڙهہ | لاش |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: مارئي ڪٿان جي رهاڪو هئي؟

جواب: مارئي ٿر پرڳڻي جي ڳوٺ ڀالوا جي رهاڪو هئي.

سوال2: مارئي جي پيءُ ۽ ماءُ جا نالا ڪهڙا هئا؟

جواب: مارئي جي پيءُ جو نالو پالڻي ۽ ماءُ جو نالو ماڏوئي هو.

سوال3: عمر بادشاهہ ڪٿي جو حاڪم هو؟

جواب: عمر بادشاهہ سنڌ جو حاڪم هو.

سوال4: عمر بادشاهہ مارئي کي ڪٿي قيد ڪيو؟

جواب: عمر بادشاهہ مارئي کي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو.

سوال5: هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

جواب: هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ ڪڏهن بہ پنهنجي ديس کي نہ وسارجي.



**(ج) صحيح جواب چونديو.**

(1) مارئي ڄائي هئي:

(i) پنيور ۾ ✓ (ii) ڀالوا ۾ (iii) عمر ڪوٽ ۾

(2) مارئي جو سڱ ٿيل هو:

✓ (i) کيت سان (ii) عمر سومري سان (iii) ڦوڳ سان

(3) عمر بادشاهہ چڙهي آيو:

(i) گهوڙي تي ✓ (ii) اُٺ تي (iii) هاٿيءَ تي

(4) عمر بادشاهہ مارئي کي قيد ڪيو:

(i) ڪنڌ ڪوٽ ۾ ✓ (ii) عمر ڪوٽ ۾ (iii) رني ڪوٽ ۾

(5) بادشاهہ جيڪڏهن تون مون کي جيئري آزاد ڪيو تہ منهنجو ______ ملير ضرور موڪلجانءِ.

(i) سون ✓ (ii) مڙهہ (iii) سامان

**(د) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو.**

هاڪ: مارئي جي حسن جي هاڪ هر هنڌ هئي.

امانت: اسان کي امانت ۾خيانت نہ ڪرڻ گهرجي.

آچون: عمربادشاهہ مارئيءَ کي شادي ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي آچون ڪيون.

مڙهہ: منهنجو مڙهہ ملير ضرور موڪلجانءِ.

قيد: عمر بادشاهہ مارئي کي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو.

**(هہ) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن جيڪي ٻن ڪان وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن.**

جيئن: بيمثال بي + مثال = بيمثال

اوهين اهڙا کي ٻيا کي پنج لفظ لکي ڏيکاريو.

بي خبر بي حد بي ملهہ بي شمار

بي پرواهہ

**(و) هيٺيان جملا درست ڪري لکو.**

(1) سوٽ ڪيت مارئي سڱ هو ٽيل جوسان.
مارئي جو سڱ سوٽ ڪيت سان ٽيل هو.

(2) آهي پيارڻ جو ڪم ثواب پاڻي.
پاڻي پيارڻ ثواب جو ڪم آهي.

(3) هاڪ سندس هنڌين ماڳين جي حسن هُلي وئي.
سندس حسن جي هاڪ هنڌين ماڳين هُلي وئي.

(4) موڪلجانءِ مڙهه منهنجو ملير ضرور.
منهنجو مڙهه ملير ضرور موڪلجانءِ.

(5) مارئي ملي اڇي ملڪ ملير مارن پنهنجن سان.
مارئي ملڪ ملير اڇي پنهنجن مارن سان ملي.



سبق ٻارهون

# سُر سارنگ

ڏوٿيئڙن جي ڏيهه تي، سانوڻ جا سانگا،
ڪنوڻ جا ڪجڪار، منهنجي مٺي ملڪ تي.

حوالو: هي شعر ”سر سارنگ“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اڄ منهنجي ماروئڙن جي ملڪ ۾ مينهن وسڻ جي تياري ڪئي آهي ۽ ڪنون جا ڪجڪار لڳا پيا آهن.

ڪڪرن ڪئي ڪاراڻ آ، ٿيندي ميگهه ملهار،
وسندو اڄ وڏ ڦڙو، سرها ٿيندا سنگهار،
سرس ڪري سينگار، سرتيون ويهنديون سنڌ ۾.

حوالو: هي شعر ”سر سارنگ“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اڄ ضرور مينهن وسندو ڇو ته ڪارا ڪڪر اچي ويا آهن. اڄ مينهن جون بوندون ضرور پونديون ۽ منهنجا مارو خوش ٿيندا ۽ عورتون پڻ خوشيءَ سان سينگار ڪنديون.

پنهنجي ملڪ ملير ۾ وٺا مينهن وري،
موٽيا مال وندا، هي ڪاهي ڏڻ ٽري،
دکي دلڙي ٺري، ڏسندي سُک ساٽيهه ۾.

حوالو: هي شعر ”سر سارنگ“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته جڏهن منهنجي ملڪ ملير ۾ مينهن وسيا ته مارو خوش ٿي پيا آهن مالوند ماڻهو پنهنجا مال ڪاهي موٽي آيا آهن. ڏکايل دل ٺري پئي آهي. ڇو ته انهن پنهنجي ملڪ ۾ سک ڏسي ورتو آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏوٽيئڙا | ماروئڙا | ڏيهہ | ملڪ |
| سانوڻ | اونهارو | سانگا | سبب |
| ملهار | بارش | ساٽيهہ | ملڪ |
| سرها | خوش | سنگهار | ماروئڙا |
| سرس | گهٽا | سرتيون | دوستيون |
| وُنا | وسيا | ڏُکي | ڏکايل |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: توهان کي جيڪو بيت وڻي ٿو اهو لکو.

جواب: اسان کي هي بيت وڻي ٿو.

پنهنجي ملڪ مليرِ ۾ وٺا مينهن وري،
موٽيا مال وندا، هي ڪاهي ڏڻ ٽري،
دکي دلڙي نري، ڏسندي سُک ساٽيهہ ۾.

سوال2: بهار جي موسم توهان کي ڪيئن لڳندي آهي؟

جواب: اسان کي بهار جي موسم ڏاڍي وڻندڙ ۽ دلپسند هوندي آهي.

سوال3: مينهن ڪهڙن ڪکرن مان وسندو آهي؟

جواب: مينهن ڪارن ڪکرن مان وسندو آهي.

**(ج) هيٺين مان صحيح صورتخطيءَ ۾ لکيل لفظن کي (✓) جو نشان لڳايو.**

ڪنوڻ ✓    خنوڻ ___
صانوڻ ___    سانوڻ ✓
سرطيون ___    سرتيون ✓
سنگهار ✓    صنگهار ___
ثاٽيهہ ___    ساٽيهہ ✓



**(د) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو.**

ڪجڪار: اڄ ڪنوڻ ڪجڪار ڪيو آهي.
سرها: ڪکر ڏسي ماروئڙا سرها ٿيا آهن.
سرس: مالڪ شال سرس مينهن وسائين.
ڏيهہ: اسان جي ڏيهہ تي خوشيون موٽي آيون.
سانوڻ: سانوڻ جي موسم ۾ بارش پوندي آهي.

**(هہ) مينهن وسڻ کان پوءِ جو منظر پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.**

مينهن وسڻ کانپوءِ هر طرف خوشي اچي ويندي آهي. وڻ ٽڻ ساوا ۽ صاف صاف نظر ايندا آهن. ٿڌڙي ٿڌڙي هوا گهلندي آهي. پکي پکڻ، جيت جڻا خوش هوندا آهن.

**(و) هيٺيان خال پريو.**

(1) ڏوٽيئڙن جي **ڏيهہ** تي، سانوڻ جا سانگا.
(2) ڪنوڻ جا **ڪجڪار**، منهنجي مٺي ملڪ تي.
(3) پنهنجي ملڪ مليرِ ۾ وٺا **مينهن** وري.
(4) موٽيا مال وندا، هي ڪاهي ڏڻ **ٽري**.

سبق تيرهون

# مخدوم نوح رحمة الله عليه

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خاندان | ڪٽنب | صديق | سچار |
| ساڙ | نفرت | مرتبو | عزت |
| تبليغ | دعوت، سمجهاڻي | رحلت | وفات |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: مخدوم نوح رحمة الله عليه جن ڪٿي پيدا ٿيا؟

جواب: مخدوم نوح رحمة الله عليه جن پراڻا هالا، ٺوڙي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا.

سوال2: مخدوم نوح رحمة الله عليه جن ڪهڙي خليفي جي اولاد مان هئا؟

جواب: مخدوم نوح رحمة الله عليه جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اولاد مان هئا.

سوال3: سندن واعظ جو ماڻهن تي ڪهڙو اثر ٿيو؟

جواب: سندن واعظ ٻڌي 12 هزار ماڻهن سندن هٿ تي بيعت ڪئي.

سوال4: سندن جماعت کي ”سروري جماعت“ ڇو سڏيو ويندو آهي؟

جواب: سندن جماعت کي ”سروري جماعت“ سرور ڪائنات جي سنت تي هلڻ ڪري سڏيو ويندو آهي.

سوال5: عام ماڻهن کي وقت جي حاڪم کان ڇا وني ڏيندا هئا؟

جواب: عام ماڻهن کي وقت جي حاڪم کان انصاف وني ڏيندا هئا.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) مخدوم نوح رحمة الله عليه خانداني سلسلو ملي ٿو.

✓ (i) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان

(ii) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه سان

(iii) حضرت عثمان غني رضي الله عنه سان

(2) مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه پيدا ٿيا:

(i) 27 رمضان سن 119 هجري

✓ (ii) 27 رمضان سن 911 هجري

(iii) 27 رمضان سن 191 هجري

(3) سندن والد سندن نالو ______ رکيو.

(i) نعمت الله ✓ (ii) لطف الله (iii) رحمت الله

(4) سندن گادي سڏجي ٿي:

(i) ست لک گودڙي (ii) اٺ لک گودڙي

✓ (iii) نو لک گودڙي

(5) مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه قرآن پاڪ جو ترجمو ڪيو:

(i) سنڌي ۾ ✓ (ii) فارسيءَ ۾ (iii) انگريزيءَ ۾

**(د) هيٺين لفظن جي صورتخطي درست ڪري ٻيهر لکو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| اخلاڪي | اخلاقي | هالت | حالت |
| فيز | فيض | رهلت | رحلت |
| نوهه | نوح | واستو | واسطو |

**(ھ) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) مخدوم نوح رحمة الله عليه جو اصل نالو لطف الله هو. (✓)

(2) مخدوم نوح رحمة الله عليه قرآن مجيد جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو. (✓)

(3) مخدوم نوح رحمة الله عليه مريدن کي ڀاءُ سڏيندا هئا. (✗)

(4) مخدوم نوح رحمة الله عليه جي جماعت کي ديوبندي جماعت سڏجي ٿو. (✗)

(5) مخدوم نوح رحمة الله عليه 27 ذوالقعد 997 هجريءَ ۾ وفات ڪئي. (✓)



سبق چوڏهون

# حقن جو احترام

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شناس | سڃاڻ | ڪوتاهي | لاپرواهي |
| فرحت | راحت | بدنظمي | بي ترتيبي |
| رنج | ڪاوڙ، غصو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هڪ سٺي شهري هجڻ جي حيثيت سان اسان کي ڇا جي شناس هئڻ گهرجي؟

جواب: هڪ سٺي شهري هجڻ جي حيثيت سان اسان کي پنهنجن حقن ۽ فرضن جي شناس هئڻ گهرجي.

سوال2: ٻين جي درن اڳيان ڪچرو ڦٽو ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟

جواب: ٻين جي درن اڳيان ڪچرو ڦٽو ڪرڻ سان انهن کي تڪليف پهچندي.

سوال3: روڊن، رستن ۽ باغيچن ۾ ڪهڙي ڳالهه جو خيال رکجي؟

جواب: روڊن، رستن ۽ باغيچن ۾ صفائيءَ جو خيال رکجي.

سوال4: اسان مان هر هڪ سک ۽ آرام واري زندگي ڪڏهن گذاري سگهندو؟

جواب: اسان مان هر هڪ سک ۽ آرام واري زندگي تڏهن گذاري سگهي ٿو جڏهن اسين هڪٻئي جي حقن جو احترام ڪنداسين.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) ٻين جي حقن کي پورو ڪرڻ ۽ انهن جي حقن جو احترام ڪرڻ اسان جو آهي:

(i) غرض (ii) مرض ✓ (iii) فرض

(2) گند ڪچرو پاڙيسرين جي درن اڳيان ڦٽو ڪبو ته پاڙيسرين کي ٿيندي:

(i) خوشي ✓ (ii) تڪليف (iii) سڪون

(3) بس، گاڏي يا ريل ۾ چڙهڻ مهل پنهنجي واري جو ڪجي:

✓ (i) انتظار (ii) انتظام (iii) انتقام

(4) اسان کي اهڙي هلت هلڻ کپي جيئن اسان جي عمل مان ڪنهن کي ڪا _____ نه پهچي.

(i) آرام ✓ (ii) تڪليف (iii) دولت

(5) جن عملن جي اسان ٻين مان اميد رکون ٿا اهي پهريون پاڻ _____ طور ڪري ڏيکاريون.

(i) فني ✓ (ii) عملي (iii) راند

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| حقُ | حقَ | فرضُ | فرضَ |
| سُکُ | سُکَ | بئنڪ | بئنڪون |
| اسٽيشن | اسٽيشنون | | |

**(هہ) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو.**

شناس: اسان کي پنهنجن حقن ۽ فرضن جي شناس هئڻ گهرجي.

ڪوتاهي: اسان کي پنهنجي فرضن ۾ ڪوتاهي نه ڪرڻ گهرجي.



محروم: اسان کي ٻين کي خوشيءَ کان محروم نہ ڪرڻ گهرجي.

انتظار: هميشہ پنهنجي واري جو انتظار ڪريو.

فرض: نماز هر مسلمان تي فرض آهي.

**(و) هيٺ ڏنل عبارت روانيءَ سان پڙهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

اڄ آچر جو ڏينهن هو. جيئن تہ اسڪول کان موڪل هئي تنهنڪري سيني ٻارن گڏجي ان کي صفائيءَ جو ڏينهن ڪري ملهايو. سڀ کان اول انهن پنهنجي پاڙي جي گهٽيءَ کي سٺي نموني صاف ڪيو ۽ گند ڪچرو ڪٺي دٻن ۾ اڇلايو. تنهن کان پوءِ انهن رستن تي ڇٽڪار ڪيو ۽ گل ٻوٽن کي بہ پاڻي ڏنائون. انهيءَ سان ڌاڌي وٽڪار تي پئي. گهٽيءَ کي صاف سٿرو ڏسي پاڙيوارن ٻارن کي انهيءَ ڪم تي داد ڏنو. سڀ ٻار خوش ٿيا. صفائيءَ جي ڪري آسپاس جو ماحول وٽندڙ ۽ معطر بڻجي پيو.

سوال1: ٻارن ڪهڙي ڏينهن کي صفائي جو ڏينهن ڪري ملهايو؟

جواب: ٻارن آچر جي ڏينهن کي صفائي جو ڏينهن ڪري ملهايو.

سوال2: گند ڪچري کي ڪٿي ڦٽو ڪيائون؟

جواب: گند ڪچري کي گند ڪچري جي دٻن ۾ ڦٽو ڪيائون.

سوال3: پاڙي وارن انهيءَ ڪم تي ٻارن کي ڇا ڏنو؟

جواب: پاڙي وارن انهيءَ ڪم تي ٻارن کي داد ڏنو.

سوال4: صفائيءَ جي ڪري آسپاس جو ماحول ڪيئن بڻجي پيو؟

جواب: صفائيءَ جي ڪري آسپاس جو ماحول وٽندڙ ۽ معطر بڻجي ويو.

سبق پندرهون

# صحبت جو اثر

چڱن سان تون هر دم حياتي گذار،
چڱن سان رهي پاڻُ پنهنجو نکار.

حوالو: هي شعر "صحبت جو اثر" نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي مشورو ڏيندي چوي ٿو ته هميشه چڱن جي صحبت ۾ رهڻ گهرجي ۽ انهن سان گڏ رهي ڪري ماڻهوءَ ۾ نکار اچي ٿو.

چڱي ڳالهه پنهنجي تون دل ۾ ويهار،
ڪڏهن ڪين من مان تون تنهن کي ڏڪار.

حوالو: هي شعر "صحبت جو اثر" نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي مشورو ڏيندي چوي ٿو ته هميشه چڱي ڳالهه کي هنئين ۾هنڊائڻ گهرجي ۽ ڪيني کي دل ۾ جاءِ نه ڏيڻ گهرجي بلڪ ان کي ڪڍي ڇڏجي.

چڱي ڳالهه جو ٿئي ٿو سڀ تي اثر،
ڀلي ڳالهه ڏيندي آ دل کي قرار.

حوالو: هي شعر "صحبت جو اثر" نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي مشورو ڏيندي چوي ٿو ته چڱي ڳالهه جو سيني تي اثر ٿيندو آهي ۽ دل کي آرام ۽ سڪون به سنين ڳالهين سان ايندو آهي.



رهي جيڪو صحبت چڱن جي ۾،
سدا تنهن جي جيون ۾ رهندو بهار.

حوالو: هي شعر "صحبت جو اثر" نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي مشورو ڏيندي چوي ٿو ته جيڪو سنن ماڻهن جي سنگت ۾ رهندو آهي، اهو سدائين خوشحال زندگي گذاريندو آهي.

ادا "غازي" بد کان تون رهجان پري،
نظر پيي ڪٽي تون نه بد ڏي نهار.

حوالو: هي شعر "صحبت جو اثر" نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي مشورو ڏيندي چوي ٿو ته توهان کي برن کان پري رهڻ گهرجي بلڪ انهن ڏانهن اک کڻي نهارڻ به نه گهرجي.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حياتي | زندگي | نکار | روپ، سنوار |
| ڏڪار | پري ڪرڻ | من | دل |
| قرار | آرام، سڪون | صحبت | دوستي |
| جيون | حياتي | نهار | ڏسڻ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان کي ڪنهن جي ڳالهه دل ۾ ويهارڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي چڱن جي ڳالهه دل ۾ ويهارڻ گهرجي.

سوال2: سڀ تي ڪهڙيءَ ڳالهه جو اثر ٿئي ٿو؟
جواب: سڀ تي چڱي ڳالهه جو اثر ٿئي ٿو.
سوال3: ڪهڙن ماڻهن جي جيون ۾ بهار رهندو آهي؟
جواب: جيڪو چڱن جي صحبت ۾ رهي ٿو.

**(ج) هيٺين مان صحيح صورتخطيءَ ۾ لکيل لفظن کي (✓) جو نشان لڳايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| هياتي | ___ | حياتي | ✓ |
| نخار | ___ | نکار | ✓ |
| اثر | ✓ | اصر | ___ |
| سحبت | ___ | صحبت | ✓ |
| ذقار | ___ | ذڪار | ✓ |

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ويهار | اٿار | چڱي | بري |
| قرار | بي قرار | بهار | سرءُ |
| پري | اوري | بد | نيڪ |

**(هـ) ويهار - ذڪار هم آواز لفظ آهن. اوهان هن نظم مان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ ڳولهي لکو.**
گذار - نکار - قرار - بهار - نهار

**(و) نظم "صحبت جو اثر" جو بنيادي خيال بيان ڪريو.**
هن نظم جو بنيادي خيال چڱن جي سنگت ۾ رهڻ آهي يعني هميشہ سٺي سنگت هجڻ گهرجي ۽ برن کان پاسو ڪرڻ بهتر آهي.



**(ز) هيٺين بيت جي سمجهاڻي لکو.**
رهي جيڪو صحبت چڱن جي ۾
سدا تنهن جي جيون ۾ رهندو بهار.
تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي مشورو ڏيندي چوي ٿو تہ جيڪو سٺن ماڻهن جي سنگت ۾ رهندو آهي. اهو سدائين خوشحال زندگي گذاريندو آهي.

**(ح) هيٺيان خال ڀريو.**
(1) چڱن سان تون هر دم **حياتي** گذار.
(2) چڱن سان رهي پاڻُ **پنهنجو** نکار.
(3) ادا غازي **بد** کان تون رهجان پري.
(4) نظر ڀي ڪٽي تون نہ بد ڏي **نهار**.

سبق سورهون

# ٻيلا

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عجيب | حيرت ۾ وجهندڙ | جهڳٽا | بندل |
| ايراضي | علائقو | جيوت | جاندار |
| پناهه | حفاظت | آلودگي | گندگي |
| زرخيز | ڀلي، آباد | جذب | چُهڻ |
| دفاع | بچاءُ | جهجهو | گهڻو |
| اضافو | واڌارو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ٻيلا ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: وڻن جا جهڳٽا جيڪي زمين جي وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل هجن تن کي ٻيلا چئبو آهي.

سوال2: مناسب ماحول لاءِ اسان جي زمين جو ڪيترو حصو وڻن ۽ ٻيلن سان ڍڪيل هجڻ گهرجي؟

جواب: مناسب ماحول لاءِ اسان جي زمين جو چوٿون حصو وڻن ۽ ٻيلن سان ڍڪيل هجڻ گهرجي.

سوال3: ٻيلن مان ڪهڙا فائدا آهن؟

جواب: ٻيلن مان گهرن اڏڻ، ٻارڻ، فرنيچر، ڪاغذ سازي، ريشم سازي، ۽ دوائون ناهڻ جهڙا فائدا حاصل ٿين ٿا.

سوال4: ڪاغذ ڪٿان حاصل ٿئي ٿو؟

جواب: ڪاغذ ٻيلن مان حاصل ٿئي ٿو.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو:**

(1) وڻن جا جهڳٽا جيڪي زمين جي وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل هجن تن کي چئبو آهي:

(i) ڪارخانا (ii) ٻيلا ✓ (iii) باغيچو

(2) ______ کي پناهه پڻ ٻيلن ۾ ملي ٿي.

(i) جهنگلي جيوت ✓ (ii) آبي جيوت (iii) ريگستاني جيوت

(3) ڪاغذ حاصل ٿئي ٿو:

(i) سمنڊ مان (ii) ٻيلن مان ✓ (iii) جبلن مان

(4) اسان کي وڻن جي ______ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

(i) پوکائي (ii) واڍي ✓ (iii) ڪائڻ

(5) جيترا وڌيڪ ٻيلا هوندا اوترو وڌيڪ ______ ملندو.

(i) صابڻ (ii) تيل (iii) ڪاٺ ✓

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏاهپ | اياڻپ | بهادري | بزدلي |
| جهجهو | ٿورو | اضافو | گهٽتائي |
| ترقي | تنزل | | |

**(هه) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) وڻ ۽ ٻوٽا قدرت پاران سوکڙي آهن. (✓)

(2) جهنگلي جيوت کي ٻيلن ۾ پناهه ملي ٿي. (✓)

(3) ٻوڏ کان روڪٿام، سير سفر ۽ ماحول جي آلودگيءَ کان بچاءُ لاءِ ٻيلا اهم نه آهن. (✗)

(4) ٻيلن مان اسان کي اناج ملي ٿو. (✗)

(5) اسان کي وڻن جي واڍي کان پاسو ڪرڻ گهرجي. (✓)

(و) ”وڻن پوکڻ جي اهميت“ بابت پنهنجي ڪلاس ۾ تقرير ڪريو.

**پيارا ٻارو!**

وڻ پوکڻ تمام گهڻا اهم آهن. وڻ ٻوٽا نہ صرف سونهن ۽ سينگار جو ذريعو آهن، پر انهن مان ڪيترائي ٻيا فائدا پڻ حاصل ٿين ٿا. وڻن جي ڪري ئي اسان کي ماحول ۾ صاف هوا ۽ آڪسيجن مهيا ٿئي ٿي. ڪاغذ ٺهي ٿو. فرنيچر، ريشم سازي، دوائون ۽ ٻيا فائدا پڻ آهن. ماحول مان گدلاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ گهڻي کان گهڻا وڻ پوکڻ گهرجن ۽ پوکيل وڻن جي واڍي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

**(ز) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) جهنگلي جيوت کي **پناهہ** پڻ ٻيلن مان ملي ٿي.

(2) ٻيلا ملڪي دولت سان گڏو گڏ ملڪي **پيداوار** ۾ پڻ اهم مقام رکن ٿا.

(3) ٻيلن مان **ڪاغذ** پڻ ٺهي ٿو.

(4) وڻن جي **واڍي** کان پاسو ڪرڻ گهرجي.



سبق سترهون

# انٽرنيٽ

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اتم | اعليٰ | ارتقا | ترقي |
| ايجاد | ناهڻ | کوجنا | ليڻ |
| متعارف | ظاهر ڪرڻ | ڪرشمو | اڻ ٿيڻي ڳالهہ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: الله تعاليٰ انسان کي ڪهڙين صلاحيتن سان نوازيو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ انسان کي اعليٰ، اتم ۽ اشرف مخلوق بڻائي ان ۾ عظيم تخليقي صلاحيتون پيدا ڪيون آهن.

سوال2: انساني دماغ جهڙيون خوبيون رکندڙ ايجاد ڪهڙي آهي؟

جواب: انساني دماغ جهڙيون خوبيون رکندڙ ايجاد ڪمپيوٽر آهي.

سوال3: انٽرنيٽ جي ذريعي اسين ڇا ڇا ڪري سگهون ٿا؟

جواب: انٽرنيٽ جي ذريعي اسين هڪٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهون ٿا. پيغام پهچائي سگهون ٿا. ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا. ڪاروبار ڪري سگهون ٿا.

سوال4: اسان کي انٽرنيٽ جو استعمال ڪهڙي ريت ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي انٽرنيٽ جو استعمال مثبت، صحيح ۽ ضرورت مطابق ڪرڻ گهرجي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو:**

(1) انسان ۾ صلاحيتون موجود آهن:

(i) حيواني (ii) تخليقي ✓ (iii) فڪري

(2) انساني دماغ جهڙيون خوبيون رکندڙ ايجاد آهي:

(i) ٽيليفون (ii) موبائل فون (iii) ڪمپيوٽر ✓

(3) فطرت جا راز کولي ٿي:

✓ (i) سائنس (ii) آلجبرا (iii) رياضي

(4) انٽرنيٽ ماڻهن کي پاڻ ۾ ________ جو ذريعو آهي.

✓ (i) ڳنڍڻ (ii) ورهائڻ (iii) وڙهائڻ

(5) انٽرنيٽ جي ايجاد ٿيڻ سان پئسي ۽ وقت جي ٿي آهي:

✓ (i) بچت (ii) زيان (iii) خرچ

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ترقي | تنزل | اعليٰ | ادنيٰ |
| خوبيون | خاميون | ڳنڍڻ | ڇنڻ |
| حقيقت | خيال | | |

**(هه) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) سائنس فطرت جا راز کولي ٿي. (✓)

(2) ارتقا ۽ ترقي جو سلسلو ڪڏهن به ناهي رڪجندو. (✓)

(3) ڪمپيوٽر انساني دماغ جو نمونو نه آهي. (✗)

(4) انٽرنيٽ انسانن جي وچ ۾ مفاصلا وڌايا آهن. (✗)

(5) والدين کي گهرجي ته اهي پنهنجن ٻارن کي انٽرنيٽ جو صحيح استعمال سيکارين. (✓)

**(و) اوهين اخبارن، رسالن، ٽي وي ۽ موبائل فون ذريعي ڪهڙي ڄاڻ حاصل ڪندا آهيو؟ تنهن بابت ٻڌايو.**

اسين اخبارن، رسالن، ٽي وي ۽ موبائل فون ذريعي سموري دنيا ۾ ٿيندڙ واقعن، ايجادن ۽ حالتن بابت ڄاڻ حاصل ڪندا آهيون ۽ تفريحي پروگرام پڻ ڏسندا آهيون.



سبق ارڙهون

# محنت جو ڦل

هل هل ساٿي هلندو هل،
وک وڌائي هلندو هل.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي دوست همت ڪريو هلندا رهو. محنت ڪندا رهو.

محنت ڪر تون مانجهي بڻجي،
محنت جو آ مٺڙو ڦل.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته محنت ڪريو مرد مجاهد بڻجي ڇو ته محنت جو ڦل مٺو هوندو آهي.

سوئي سورهيه ملهه ماريندو،
جنهن جي ٻانهن ۾ آ ٻل.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اهو ئي سوڀ حاصل ڪندو آهي، جنهن جي ٻازو ۾ طاقت هوندي آهي، يعني همت ۽ حوصلي سان هر ڪم آسان ٿي پوندو آهي.

جي چاهين ڪن ياد پيا توکي،
تون به چڱو ڪر ڪوئي عمل.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهان کي ياد رکيو وڃي ته پوءِ چڱائي وارا عمل ڪرڻا پوندا ڇو ته چڱن کي ياد رکيو ويندو آهي.

وقت وڃائڻ مان ڇا ورندو،
سوچ ته قيمتي آ هر پل.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته وقت وڃائڻ مان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي جيڪڏهن ڌيان ۾ آڻيو ته هر هڪ ساعت قيمتي آهي بيڪار نه آهي.

سُستيءَ سان جو ويهي رهندو،
ڪجهه به نه ٿيندس هٿ حاصل.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪو ماڻهو سست ٿي ويهي رهندو ان کي ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيندو آهي.

علم حاصل ڪرڻ آ بهتر
"غازي" علم ته آهي بي ملهه.

حوالو: هي شعر "محنت جو ڦل" نظم مان ورتل جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته علم حاصل ڪرڻ تمام سني ڳالهه آهي ڇو ته علم جهڙي ٻي ڪابه قيمتي شيءِ ڪونه آهي. علم جو ڪو ملهه نه آهي.



## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بي ملهه | بي قيمت | ٻَلُ | طاقت |
| سورهيه | بهادر | قيمتي | انمول |
| عمل | ڪمُ | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڪهڙي ماڻهوءَ کي ياد رکيو ويندو آهي؟
جواب: چڱا عمل ڪندڙ ماڻهو کي ياد رکيو ويندو آهي.
سوال2: وقت وڃائڻ سان ڇا ملندو آهي؟
جواب: وقت وڃائڻ سان ڪجهه به نه ملندو آهي.
سوال3: ڇا عِلم حاصل ڪرڻ بهتر آهي؟
جواب: جي ها، علم حاصل ڪرڻ بهتر آهي.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| قيمتي | سادو | چڱو | برو |
| بهتر | بدتر | وڪ | ڊُک |
| مِٺو | ڪوڙو | | |

**(د) هيٺين بيت جي سمجهاڻي لکو.**

سُستي سان جي ويهي رهندو،
ڪجهه به نه ٿيندس هٿ حاصل.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪو ماڻهو سست ٿي ويهي رهندو ان کي ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيندو آهي.

**(ھ) ڏنل نظم (محنت جو قُل) مرڪزي خيال بيان ڪريو.**

هن نظم جو مرڪزي خيال محنت ڪرڻ آهي جو ته ڪابه شيءِ يا منزل بغير محنت جي حاصل ناهي ٿيندي. همت ۽ جذبي سان محنت ڪبي ته منزل ضرور حاصل ٿيندي.

**(و) هيٺيان خال پريو.**

(1) **وقت** وڃائڻ مان ڇا ورندو.
(2) سوچ ته **قيمتي** آهر پل.
(3) محنت ڪر تون **مانجهي** بڻجي.
(4) **محنت** جو آ منڙو قُل.



سبق اوڻيهون

# آباديءَ جا مسئلا

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شمار | ڳاڻيٽو | معيار | حيثيت |
| متاثر | اثر انداز | شرح | سراسري |
| صنعت | ڪارخانا | حرفت | هنر |
| رجحان | لاڳاپو | جديد | نوان |
| ترجيح | اهميت | جوڳو | مناسب |
| لاڀ | فائدو | ايثار | قرباني |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

سوال1: هن وقت پاڪستان جي آبادي ڪيتري آهي؟
جواب: هن وقت پاڪستان جي آبادي تقريباً 22 ڪروڙ آهي.
سوال2: پاڪستان دنيا جي گھڻ آباديءَ وارو ڪھڙو نمبر ملڪ آهي؟
جواب: پاڪستان دنيا جي گھڻ آباديءَ وارو پنجون نمبر ملڪ آهي.
سوال3: آباديءَ ۾ تڪڙي واڌ جا ڪھڙا اثر آهن؟
جواب: آباديءَ ۾ تڪڙي واڌ ملڪ ۽ قوم جي زندگيءَ جي معيار تي ناڪاري اثر وجهي ٿي. ان ڪانسواءِ تعليم، صحت، خوراڪ، رهائش، روزگار ۽ ٻيون سهولتون پڻ متاثر ٿين ٿيون.
سوال4: وڌندڙ آباديءَ جي اثر کان گھٽائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گھرجي؟
جواب: وڌندڙ آباديءَ جي اثر کان گھٽائڻ لاءِ ملڪي وسيلن جو بھتر استعمال ڪيو وڃي.

سوال5: ڪهڙين ڳالهين سان آباديءَ جو دباءُ گهٽائي سگهجي ٿو؟

جواب: پيداوار ۾ واڌارو، فني تعليم،نون وسيلن جي ڳولها ۽ زرعي زمين ۾ اضافو ڪرڻ جهڙين ڳالهين سان آباديءَ جو دباءُ گهٽائي سگهجي ٿو.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) اسان جي ملڪ جي آبادي تقريباً آهي:
(i) 21 ڪروڙ ✓ (ii) 22 ڪروڙ (iii) 24 ڪروڙ

(2) پاڪستان دنيا جي گهڻ آباديءَ وارو ________ نمبر ملڪ آهي.
(i) ٽيون (ii) چوٿون ✓ (iii) پنجون

(3) آباديءَ ۾ تڪڙي واڌ ملڪ ۽ قوم جي زندگي جي معيار تي اثر وجهي ٿي.
(i) مثبت (ii) هاڪاري ✓ (iii) ناڪاري

(4) زندگي جي هر شعبي ۾ ڪم ورتو وڃي:
(i) غير ملڪي شين ڪان ✓ (ii) جديد ٽيڪنالاجي ڪان
(iii) دوست ملڪن ڪان

(5) آباديءَ ۾ واڌ سبب پيدائش، بيمارين ۽ موت جي شرح ۾ اچي ٿي:
(i) گهٽتائي ✓ (ii) واڌ (iii) بي اثر

**(د) هيٺين لفظن جي صورتخطي درست ڪري لکو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪوراڪ | **خوراڪ** | چرح | **شرح** |
| سنعت | **صنعت** | ضرائت | **زراعت** |
| زرورت | **ضرورت** | حرفط | **حرفت** |
| ايصار | **ايثار** | تريڪو | **طريقو** |
| مڪدار | **مقدار** | سرچار | **سرشار** |



**(هه) هيٺيان خال پريو.**

(1) پيدائش جي وسيلن کي تيزيءَ سان **وڌايو** وڃي.

(2) فني تعليم کي ملڪ ۾ **عام** ڪرڻ گهرجي.

(3) زندگيءَ جي هر شعبي ۾ **جديد ٽيڪنالاجي** جو استعمال ڪيو وڃي.

(4) **تيل** جي ڳولها واري ڪم کي ترجيح ڏني وڃي.

(5) هر فرد محنت، خلوص ۽ ايثار جي جذبي سان **سرشار** ٿي پنهنجو فرض ادا ڪري.

**(و) هيٺ ڏنل عبارت روانيءَ سان پڙهو ۽ سمجهو ته هن ۾ ڪهڙو مقصد يا پيغام ڏنل آهي.**

عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته دنيا ۾ جيڪو ماڻهو خدمت ڪري ٿو، اهو موٽ ۾ انهيءَ خدمت جو بدلو ضرور چاهي ٿو. پر ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي ٻين جي خدمت ته ڪن ٿا پر بنا اجوري. اهڙن ماڻهن کي "رضاڪار" چئبو آهي يعني "بنا اجوري خدمت ڪندڙ".

شهري رضاڪار ملڪ جي بچاءَ، عام ڀلائيءَ جي ڪمن ۽ اتفاقي حادثن جي وقت ڏکويلن جي مدد لاءِ پنهنجيون خدمتون آڇيندا آهن. اهي جنگ، طوفان، ٻوڏ توڙي زلزلي سبب ڏتڙيل ماڻهن جي واهر ڪندا آهن. ڪين خطري وارين جاين تان ڪڍي سلامتيءَ وارن هنڌن تي پهچائيندا آهن.

رضاڪار ٻڌجي پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪرڻ جو جذبو ساراهه جوڳو آهي. اسان سڀني کي اهڙي خدمت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

جواب: هن عبارت ۾ اهو پيغام سمايل آهي ته ڪنهن آفت يا ڏکئي وقت ۾ اسين هڪٻئي جي بنا لالچ جي مدد ڪريون.

سبق ويهون

# پنڀور

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قصو | ڪهاڻي | پڙو | دڙو |
| وسندي | آبادي | قديم | پراڻو |
| ويرَ | مهل / لهر | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

سوال1: پنڀور جو پڙو ڪٿي آهي؟

جواب: ڪراچيءَ کان اوڀر طرف 64 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

سوال2: پنڀور شهر بابت ڪنهن جو قصو مشهور آهي؟

جواب: پنڀور سسئي پنهون جو قصو مشهور آهي.

سوال3: قلعي جي اڏاوت ڇا سان ٿيل آهي؟

جواب: قلعي جي اڏاوت پٿرن سان ٿيل آهي.

سوال4: پنڀور جي قلعي جا ڪيترا دروازا ظاهر ٿيا آهن؟

جواب: پنڀور جي قلعي جا ٽي دروازا ظاهر ٿيا آهن.

سوال5: پنڀور جي پڙي مان اسلامي دور جي ڪهڙي جاءِ ملي آهي؟

جواب: پنڀور جي پڙي مان اسلامي دور جي مسجد ملي آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) پنڀور ڪراچي شهر کان اوڀر طرف ______ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي.

(i) 46 (ii) 54 (iii) 64 ✓

(2) پنڀور شهر، ماهرن جي چوڻ مطابق ______ هزار سال اڳ آباد هو.

(i) هڪ (ii) ٻه ✓ (iii) ٽي



(3) هتي کوٽائي مان ______ دروازا ظاهر ٿيا آهن.

(i) هڪ (ii) ٻه (iii) ٽي ✓

(4) ماهرن مطابق هي شهر هو.

(i) هنري مرڪز ✓ (ii) صنعتي مرڪز (iii) زرعي فارم

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| خوبصورت | بدصورت | قديم | جديد |
| صحيح | غلط | اوڀر | اولهه |
| ظاهر | باطن | | |

**(هـ) اڻلڀ لفظ ۾ "اڻ" اڳياڙي آهي.**

جيئن: اڻ + لڀ = اڻلڀ

اوهين اهڙا ڪي ٻه پنج لفظ لکي ڏيکاريو.

اڻ ملهه — اڻ مئي — اڻ هوند

اڻ ڳڻيا — اڻ ٽيٽي

**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) توهان **سسئي** ۽ پنهونءَ جو قصو ضرور ٻڌو هوندو.

(2) سسئي **پنڀور** شهر جي رهواسڻ هئي.

(3) پنڀور جو پڙو ڪراچيءَ کان **اوڀر** طرف 64 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

(4) **ڪجهه** سال پهريان پنڀور جي پڙي تي ڪا ٻه وسندي ڪا نه هئي.

(5) هن شهر جي حوالي سان صحيح **معلومات** ڪو نه ملي سگهي آهي.